# سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران



## ڏنڌي وار/هنرمند ماڻهن جون لُغتون ٺاهڻ جو حصو بڻجو

- سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران سنڌ جي قديم ذاتين/قبيلن/ مخصوص ڌنڌن/هُنرن ۽ پيشن/شوقن ۽ خفتن سان لاڳاپيل ماڻهن جون لغتون ٺاهڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي، جيئن ٻوليءَ جي وسعت، گهڻ رنگائي ۽ حُسناڪيءَ کي محفوظ ڪري سگهجي.
- ڌنڌي وار يا پيشي وار لغتن ۾ ان پيشي سان لاڳاپيل ماڻهن جي سماجي ۽ ثقافتي زندگيءَ ۾ استعمال ٿيندڙ مخصوص لفظن، لغت، لهجي، اوزارن، ٺاهيل يا استعمال هيٺ شين/اوزارن، شين جي قسمن/نمونن، هڪ ئي شيءِ جي مختلف علائقن ۾ رائج جدا نالن، هڪ ئي شيءِ يا وکر جي مختلف حصن جي الڳ الڳ نالن سان گڏ لاڳاپيل ڌنڌي بابت اصطلاح، پهاڪا، چوڻيون ۽ لوڪ گيت پڻ شامل ڪري سگهجن ٿا.
- اهڙن ڪجهه قديم پيشن سان لاڳاپيل ماڻهن ۾ ڊکڻ، موچي، ٺاٺارا، گهاٽي وارا، پرت پريندڙ، اجرڪ ۽ ٽوپيون ٺاهيندڙ، ڪاشيگر، ڪمانگر، لوهر/ڪاريا، واڻ ۽ مُڃ جو ڪم ڪندڙ، ڪنيار، ٻٽي وارا، سونارا/زرگر، ناچو، راڳي ۽ سازندا، باغائي، جوڳي، رازا، چور ۽ پيري، راڇا، ڪتي/رنگريز، ڌوٻي/ساٽي، مُهاڻا/ٻيڙياتا وغيره شامل آهن. جڏهن ته شوقينن ۾ شڪاري، ڏاندن، اٺن ۽ گهوڙن جي ڊوڙ ڪرائيندڙ، ڪوڪڙي، ڪبوترا، جُوئاري ۽ ملهَ وغيره شامل آهن.
- ٺهندڙ لغتون جيئن ته تصويري هونديون، تنهنڪري ذڪر هيٺ ايندڙ شين يا اوزارن جون معياري تصويرون پڻ ڏنيون پونديون.
- ان ڏس ۾ اسان سنڌي ٻوليءَ جي ڄاڻُن، ماهرن، عالمن ۽ استادن سميت سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب ۾ ايم.فل / پي ايڇ ڊي ڪندڙ شاگردن کي آڇ ڪريون ٿا ته اهي ڪنهن به قديم پيشي يا ڌنڌي سان لاڳاپيل ماڻهن جي لغت ٺاهي، سنڌي ٻوليءَ جي ناياب ۽ وساريل لفظن کي بچائڻ ۽ محفوظ ڪرڻ ۾ هٿ ونڊائن.
- پنهنجو تحقيقي خاڪو (Proposal) هيٺ ڄاڻايل ڏس پتي ۽ اي ميل تي هڪ مهيني اندر موڪلڻ گهرجي.
- عام لغتن جي ڀيٽ ۾ ادارو ڄاڻايل لغتن جو بهتر ڪان بهتر معاوضو ادا ڪندو.


سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

نيشنل هاءِ وي لڳ سنڌ ميوزيم قاسم آباد حيدرآباد

Email: contact@sindhila.edu.pk

(022) 9240050